SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1979

SINDH ORDINANCE NO.III OF 1979

سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1979

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short and Commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعہ 95 جي ترميم
Amendment of section 95 of Sindh Ordinance II of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي شيڊول II جي ترميم
Amendment of Schedule II of Sindh Ordinance II of 1972

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1979

SINDH ORDINANCE NO.III OF 1979

سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1979

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

[20 جنوري 1979]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعہ 95 جي ترميم
Amendment of

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 95 ۾ جي ذيلي دفعہ (1) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي

section 95 of Sindh Ordinance II of 1972

1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي شيڊول II جي ترميم

Amendment of Schedule II of Sindh Ordinance II of 1972

ڪاما سان متبادل بڻايو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان (Proviso) وڌايو ويندو:

"بشرطيڪ شيڊول II جي عنوان "عوام جو تحفظ" هيٺ پيراگراف 5 جي ذيلي پيراگراف (2) جي پيڇڪڙي جي صورت ۾ ڪو نوٽيس ضروري نہ هوندو."

3. ڇاڻايل آرڊيننس جي شيڊول II ۾:

(i) لفظن "ميونسپلٽي" جتي بہ اچي، لفظن "ڪارپوريشن يا ميونسپل ڪاميٽي" سان متبادل بڻايو ويندو.

(ii) عنوان "عوام جو تحفظ" هيٺ، پيراگراف 5 ۾، هيٺيان ذيلي پيراگراف وڌايا ويندا:

"(4) ذيلي پيراگراف (2) جي پيڇڪڙي جي صورت ۾ ڪارپوريشن يا ميونسپل ڪاميٽي جو عملدار، جيڪو ان طرفان بااختيار بڻايو ويو هوندو، جيڪو چيف آفيسر جي رتبي، يا اسسٽنٽ هيلٿ آفيسر کان گهٽ نہ هوندو، ان کي خطرناڪ ۽ نقصانڪار آرٽيڪل کي بند ڪرڻ ۽ اهڙي هنڌ کي سيل ڪرڻ جو اختيار هوندو، جتي اهڙيون شيون ملنديون:

بشرطيڪ اهڙيون هٿ آيل نقصانڪار شيون اهڙي نموني نيڪال ڪيون ويندیون جيئن مناسب هوندو:

وڌيڪ تہ انهن شين جي قبضي ۾ وٺڻ ڪانپوءِ جترو جلدي مناسب ٿي سگهي پر انيتاليهہ ڪلاڪن کان دير نہ ڪرڻ گهرجي، لاڳاپيل عدالت ۾ ڪيس داخل ڪرڻ گهرجي، جيڪا عملدار طرفان ڪنيل قدم جي تصديق، توثيق ڪندي يا ان کي رد ڪري ڇڏيندي.

(5) ڪنهن خطرناڪ يا نقصانڪار واپار واري هنڌ لاءِ ڪي

بہ بجلي، گئس يا پاڻي جا ڪنيڪشنز نہ ڏنا ويندا، جيستائين اهڙي واپار کي جاري رکڻ لاءِ اهڙي هنڌ لاءِ ڪارپوريشن يا ميونسپل ڪاميٽي طرفان لائسنس نہ ورتو ويندو جيئن بہ ڪيس هجي، ۽ اهڙي لائسنس جي ختم ٿيڻ جي صورت ۾، لاڳاپيل اختياري طرفان اهڙو لائسنس ختم ڪرڻ جي اطلاع تي بجلي، گئس يا پاڻي جا ڪنيڪشنز ڪاٽيا ويندا.“.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.